مُنهنجِي بِلِي مونِي ڏاڍي پيارِي بِلِي آهي.
موکَل جو ڏِينهن هو. مان مونِيءَ سان
راند کيڏڻ لڳس.



مُون ڏاڏي جي ڪَمري ۾ ڏِٺو. ڏاڏو اَخبار
پَڙهي رَهيو هو. ”مونِي...!“ ”مونِي هِتي
نہ آهي عِنايہ“ ڏاڏي ٻُڌايو.



اَدا جي ڪَمري ۾ موني ءَ کي ڳوليم.
ٽيلهي پويان موني ءَ جو پُڇ نَظر آيو. مُون
ٽيلهو ڏِٺو پر موني نہ مِلي.



ٻاهر مُون ڏاڏِيءَ کان پُڇيو ”مونِيءَ ڪِٿي آهي؟“ ڏاڏِيءَ، پيتِيءَ ڏانهن ڏٺو. مون پيتِيءَ تان رلِي کنئِي پر مونِي نہ مِلِي.




باغ ۾ بابا ٻوٽن کي پاڻِي ڏيئِي رهيو هو. بابا
پُڇيو: ”ڪنهن کي ڳولي رهِي آهين ڌيءَ؟“
مون ٻُڌايو. ”موني ءَ کي ڳولي رهِي آهيان بابا.“



اوچتو مُون دَر تي اَدِي ڏِني. اَدِي ٻاهر
پڙهندي آهي ۽ موڪلن ۾ گهر اِيندي آهي.
اَدِيءَ مُون کي کَٽمنڙا ڏِنا.



باغَ ۾ گُلن مان مونِيءَ جُون اَکيون نَظر
آيون. مان ڊوڙِي وَڃِي مونِيءَ کي پَڪڙِي
پيار ڪَيو. مونِي...! مُنهنجِي پيارِي ٻِلِي.



**اهم سوال**

توهان پنهنجي گهر وارن سان گڏ موڪل وارو ڏينهن ڪيئن گذاريندا آهيو؟

## پڙهڻ جون صلاحيتون ۽ حڪمت عمليون

آواز: /آ/، /او/، /اِي/ ۽ /اي/، جي آوازن جي سُجاڻپ.

لفظن جو ذخيرو: ڪيڏڻ، اخبار، ٽيلهو، ڊوڙيس، ڪنئِي، ٻُوٽن، پڙهندِي، گُلن، پڪڙي.

زبان شناسِي: مذڪر، مؤنث.

## ليولڊ ريڊرز

ليولڊ ريڊرز جو بنيادي مقصد شاگردن کي پڙهڻ ۾ خودمختيار ڪرڻ آهي. شاگردن جي 'پڙهڻ' جي صلاحيتن کي سامهون رکندي هر ڪهاڻيءَ جا ٽي سيٽ لکيا ويا آهن جن کي 'ليولڊ ريڊرز' چيو وڃي ٿو. هي ليولڊ ريڊرز شاگردن جي ٽن سطحن (بهتر درجي جا پڙهندڙ، وچولي درجي جا پڙهندڙ ۽ شروعاتي درجي جا پڙهندڙ) تي مشتمل آهن. 24 هفتن لاءِ 8 ليولڊ ريڊرز لکيا ويا آهن جڏهن ته هر ليولڊ ريڊر لاءِ 3 هفتا مخصوص ڪيا ويا آهن. سڀني ليولڊ ريڊرز جي پوئين صفحي تي شاگردن جي لاءِ پڙهڻ جي لاڳاپيل مهارتن جون سرگرميون ڏنل آهن. ليولڊ ريڊرز جون هي ڪهاڻيون لکڻ دؤران ڪيترن ئي اصولن کي نظر ۾ رکيو ويو آهي. مثال طور: مخصوص موضوعن جي چونڊ، شاگردن جي عمر ۽ ذهني سطح، مناسب لفظن جو ذخيرو، سادو اسلوب ۽ شاگردن جي دلچسپيءَ جي عنصر کي قائم رکڻ لاءِ واضح ۽ وڻندڙ تصويرون وغيره.

**تدريسي مواد جي تياريءَ دؤران هن کي هر قسم جي غلطيءَ کان آجو رکڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي وئي آهي. تنهن هوندي به استعمال دؤران جيڪڏهن ڪا ڪَمي نظر اچي ته ان بابت مهرباني ڪري تُرت پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ جي صوبائي/ ضلعي آفيس کي ڄاڻ ڏني وڃي. ان سهڪار جي لاءِ اسان اوهان جا ٿورائتا رهنداسين.**

# استادن لاءِ هدايتون

## شروعاتي 3 صفحن کان پوءِ جا سوال

1. موني ڪير آهي؟
2. عِنايہ کي مونيءَ جو پُڇ ڪٿي نظر آيو؟
3. ٻلي ڪيڏانهن ڀڄي وئي؟

## اڌ ڪهاڻيءَ کان پوءِ جا سوال

4. امان، عنايہ کي ڇا چيو؟
5. هيٺيان لفظ پنهنجن جملن ۾ استعمال ڪريو.
6. (موڪل، رڌڻو)

## ڪهاڻيءَ جي پُڄاڻيءَ کان پوءِ جا سوال

7. هن ڪهاڻيءَ ۾ ڪيترا گهرياتي موجود آهن؟
8. دروازي تي ڪير آيو هو؟
9. هيٺين لفظن جا مذڪر لکو.(ٻلي، ڀيڻ)

www.pakreading.org

This publication is made possible by the support of the American people through the United States Agency for International Development (USAID). It is produced by the USAID-funded Pakistan Reading Project in collaboration with the provincial/regional government. The contents are the sole responsibility of the project and do not necessarily reflect the views of USAID or the United States Government.

هن اشاعت جي فراهمي آمريڪي عوام جي سهڪار سان بين الاقوامي ترقيءَ جي آمريڪي اداري طرفان ڪئي وئي آهي. هي دستاويز يو ايس ايڊ-پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ، صوبائي/ علائقائي حڪومتن جي تعاون ۾ پائيواري سان تيار ڪيو آهي. هن اشاعت جي مڪمل ذميواري پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ جي آهي ۽ ضروري نہ آهي تہ هي يو ايس ايڊ يا آمريڪي حڪومت جي نظريي جي عڪاسي ڪندي هجي.